# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1996
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1996
# ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1996
# THE KARACHI FISHERIES HARBOUR AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1996

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1984 جي سنڌ آرڊيننس _II جي دفعہ 6 جي ترميم

Amendment of section 6 of Sindh Ordinance_II of 1984

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1996
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1996
# ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1996
# THE KARACHI FISHERIES HARBOUR AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1996

[19 مئي، 1996]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي آرڊيننس، 1984 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي آرڊيننس، 1984 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1996 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي آرڊيننس، 1984 جي دفعہ 6 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، شق (iii) بشمول شرطيہ بيان، جي لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:<br>"(iii) سوسائٽي جا پنج نامزد ڪيل؛<br>(iv) حڪومت طرفان فش پروسيسنگ انڊسٽري جو هڪ نمائندو؛<br>بشرطيڪ چيئرمين سميت ميمبرن جو انگ پندرنهن کان گهٽ نہ هوندو.". | 1984 جي سنڌ آرڊيننس _II جي دفعہ 6 جي ترميم<br>Amendment of section 6 of Sindh Ordinance_II of 1984 |

**نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**